# سنڌ آرڊيننس نمبر XV مجريہ 2013

# SINDH ORDINANCE NO.XV OF 2013

## سنڌ مڪاني حڪومت (ٽين ترميم) آرڊيننس، 2013

## THE SINDH LOCAL GOVERNMENT (THIRD AMENDMENT) ORDINANCE, 2013

## فهرست (CONTENTS)


تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and commencement

2. 2013 جي سنڌ ايڪٽ نمبر XLII جي دفعہ 2 جي ترميم

Amendment of section 2 of Sindh Act No.LII of 2013

3. 2013 جي سنڌ ايڪٽ نمبر XLII جي دفعہ 13 جي ترميم

Amendment of section 13 of Sindh Act No.LII of 2013

4. 2013 جي سنڌ ايڪٽ نمبر XLII جي دفعہ 18 جي ترميم

Amendment of section 18 of Sindh Act No.LII of 2013

5. 2013 جي سنڌ ايڪٽ نمبر XLII ۾ دفعہ 18_A جي شموليت

Insertion of section 18_A in Sindh Act No.XLII of 2013

6. 2013 جي سنڌ ايڪٽ نمبر XLII جي دفعہ 36 جي ترميم

Amendment of section 36 of Sindh Act No.LII of 2013

7. 2013 جي سنڌ ايڪٽ نمبر XLII جي دفعہ 39 جي ترميم

Amendment of section 39 of Sindh Act No.LII of 2013

## 2013.8 جي سنڌ ايڪٽ نمبر XLII جي شيڊول_I جي ترميم
## Amendment of Schedule_I of Sindh Act No.XLII of 2013

# سنڌ آرڊيننس نمبر XV مجريه 2013
# SINDH ORDINANCE NO.XV OF 2013
# سنڌ مڪاني حڪومت (ٽين ترميم) آرڊيننس، 2013
# THE SINDH LOCAL GOVERNMENT (THIRD AMENDMENT) ORDINANCE, 2013

[13 ڊسمبر 2013]

آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ مڪاني حڪومت ايڪٽ، 2013 ۾ ترميم ڪئي ويندي؛

تمهيد (Preamble)

جيئن ته سنڌ مڪاني حڪومت ايڪٽ، 2013 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

۽ جيئن ته صوبائي اسيمبلي جو اجلاس هلندڙ نه آهي ۽ گورنر مطمئن آهي ته موجوده حالتن کي نظر ۾ رکندي فوري قدم کڻڻ ضروري ٿي پيو آهي؛

هاڻي، تنهن ڪري، اسلامي جمهوري پاڪستان جي آئين، 1973 جي آرٽيڪل 128 جي شق (1) تحت مليل اختيارن کي استعمال ڪندي گورنر هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and

1.(1) هن آرڊيننس کي سنڌ مڪاني حڪومت (ٽين ترميم) آرڊيننس، 2013 سڏيو ويندو.

(2)هي فوري طور لاڳو ٿيندو ۽ 16 سيپٽمبر 2013 تي ۽ کان

لاڳو سمجهيو ويندو.

commencement

سنڌ 2013 جي ايڪٽ نمبر XLII جي دفعہ 2 جي ترميم

Amendment of section 2 of Sindh Act No.LII of 2013

2. سنڌ مڪاني حڪومت ايڪٽ، 2013 ۾، جنهن کي هن کانپوءِ ڄاڻايل ايڪٽ سڏيو ويندو، ان جي دفعہ 2 ۾، شق (liii) کانپوءِ هيٺيون اضافو ڪيو ويندو:

“(liii_a) “سياسي پارٽي” مطلب شهرين جي هڪ انجمن يا اتحاد يا سياست ڪرڻ جي مقصد لاءِ جوڙيل اهڙين انجمن جو جٿو يا بااثر سياسي راءِ ۽ جيڪا ڪنهن چونڊيل سرڪاري آفيس يا قانون ساز باڊي يا ڪائونسل جي ميمبرشپ لاءِ چونڊن ۾ حصو وٺي؛”.

سنڌ 2013 جي ايڪٽ نمبر XLII جي دفعہ 13 جي ترميم

Amendment of section 13 of Sindh Act No.LII of 2013

3. ڄاڻايل ايڪٽ جي دفعہ 13 جي ذيلي دفعہ (1) ۾، آخر ۾ ايندڙ فل اسٽاپ کي ڪولن سان تبديل ڪيو ويندو ۽ ان کانپوءِ هيٺيون شرطيہ بيان شامل ڪيو ويندو:

“بشرطيڪ اهو تہ جتي حدبندي آفيسر ان نتيجي تي پهتو هجي تہ علائقو جيڪو ٻهراڙي آهي، ان کي هن ايڪٽ تحت حدبندي وقت شهري علائقي جو درجو ڏنو ويو آهي، تہ اهو اهڙي ٻهراڙي علائقي کي شهري علائقي طور اعلان ڪري سگهي ٿو ۽ اهڙو علائقو ان کانپوءِ شهري علائقو سمجهيو ويندو.”.

سنڌ 2013 جي ايڪٽ نمبر XLII جي دفعہ 18 جي ترميم

4. ڄاڻايل ايڪٽ جي دفعہ 18 ۾:

(a) ذيلي دفعات (3)، (4)، (6)، (7)، (8) ۽ (9) جي

Amendment of section 18 of Sindh Act No.LII of 2013

شقن (b) ۾ لفظن ”شق (a) جي شرطن موجب چونڊيل ميمبرز طرفان اڻ سڌيءَ ريت چونڊيا ويندا“ کي ختم ڪيو ويندو؛

(b) ”ذيلي دفعہ (1) ۾ پهرين شرطيہ بيان کي ختم ڪيو ويندو؛

(c) ذيلي دفعہ (10) کانپوءِ هيٺيون ذيلي دفعات شامل ڪيون وينديون:

”(11) جتي پول کان اڳ ڪنهن پينل جو چونڊ وڙهندڙ اميدوار فوت ٿي وڃي ٿو ۽ جيڪڏهن اهڙو اميدوار اهڙي پينل سان تعلق رکي ٿو جيڪو بعد ۾ چونڊجي اچي ٿو تہ خالي سيٽ نتيجو پڌرو ٿيڻ جي ٽي مهينن اندر نئين چونڊ ذريعي ڀري ويندي.

(12) نو چونڊ وڙهندڙ اميدوارن تي مشتمل هڪ پينل هوندو، جنهن ۾ عام ميمبرز، عورتون، هاري ۽ مزدور ۽ غير مسلم يونين ڪائونسل يا يونين ڪميٽي ۾ جيئن معاملو هجي چونڊ وڙهڻ لاءِ شامل هوندا:

بشرطيڪ اهڙيءَ ريت جوڙيل پينل ان جي ميمبرز منجهان مڪمل طور بااختيار بڻايل ميمبر طرفان هلايو ويندو؛

(13) ان صورت ۾، جيڪڏهن ڪو بہ يونين ڪائونسل يا يونين ڪميٽي ۾ غير مسلم جي سيٽ تي نامزدگي ڪاغذ جمع نٿو ڪرائي تہ اٿ ميمبرن تي ٻڌل پينل هڪ مڪمل پينل

سمجهيو ويندو ۽ خالي سيٽ نئين چونڊ ذريعي ڀري ويندي.

(14) سياسي پارٽي يا آزاد اميدوار چونڊن ۾ حصو وٺڻ لاءِ پينل جوڙڻ ۾ ناڪام ٿين ٿا، ته پوءِ سمورن آزاد اميدوارن يا سياسي پارٽي جي نامزد ڪيلن جا نامزدگي ڪاغذ رد سمجهيا ويندا.

2013 جي سنڌ ايڪٽ نمبر XLII ۾ دفعه 18_A جي شموليت
Insertion of section 18_A in Sindh Act No.XLII of 2013

5. ڄاڻايل ايڪٽ جي دفعه 18 ۾، هيٺيون اضافو ڪيو ويندو:

“18_A. (1) عورتن هاري يا مزدور ۽ غير مسلم لاءِ يونين ڪائونسل ۽ يونين ڪميٽي ڪانسواءِ ڪائونسل ۾ مخصوص سيٽن تي چونڊ جي مقصد لاءِ اهڙين سيٽن تي چونڊ وڙهندڙ سياسي پارٽي نامزدگي ڪاغذ جمع ڪرائڻ لاءِ ڪميشن طرفان طئي ڪيل عرصي اندر عورتن، هاري يا مزدور ۽ غير مسلم اميدوارن جي مخصوص سيٽن لاءِ ترجيحي ترتيب ۾ انهن جي اميدوارن جون ڌار فهرستون ڊسٽرڪٽ ريٽرننگ آفيسر سان فائيل ڪنديون، جيڪو ضلعي ۾ مٿي ڄاڻايل مخصوص سيٽن لاءِ ريٽرننگ آفيسر طور پڻ ڪم ڪندو.

(2) ذيلي دفعه (1) تحت ريٽرننگ آفيسر وٽ جمع ڪرايل فهرستون وڏي انگ ۾ عوامي معلومات لاءِ شايع ڪرايون وينديون.

(3)ذيلي دفعه (1) ۾ ڄاڻايل پارٽين جي

فهرستن ۾ وڌ کان وڌ اضافي اميدوارن جا نالا شامل هوندا، جيترا سياسي پارٽي عورتن، هاري يا مزدور ۽ غير مسلم مخصوص سيٽن تي چونڊ وڙهڻ لاءِ ضروري سمجهي، تہ جيئن نامزدگي ڪاغذن جي اسڪروٽني دوران ڪنهن نااهلي جي صورت ۾ يا لاڳاپيل ڪائونسل جي مدي دوران ڪا خالي سيٽ پرڻ لاءِ ضرورت وقت اچي.

(4) جتي عورت، هاري يا مزدور ۽ غير مسلم لاءِ ڪائونسل ۾ سيٽ مخصوص هجي، اها فوتگي، استعيفيٰ يا ميمبر جي نااهلي سبب خالي ٿي وڃي، تہ اها ذيلي دفعہ (1) تحت ريٽرننگ آفيسر کي جمع ڪرايل پارٽين جي اميدوارن جي فهرست مان ترتيبوار سر فهرست شخص سان ڀري ويندي.

(5) عورت، هاري يا مزدور ۽ غير مسلم جي مخصوص سيٽ تي چونڊ وڙهندڙ هر اميدوار ان سلسلي ۾ ڪميشن طرفان مقرر ڪيل ريٽرننگ آفيسر وٽ نامزدگي ڪاغذ ۽ ٻيا لاڳاپيل ڪاغذ جمع ڪرائيندو:

(a) اهڙي سيٽ لاءِ اميدار جي سياسي پارٽي جي پارٽي فهرست جو نقل؛

(b) نامزدگيءَ جي حمايت ۾ قانون يا قاعدن موجب گهربل پڌرائي ۽ بيان؛ ۽

(c) نامزدگي ڪاغذ پرڻ لاءِ وقتي طور لاڳو

قانون تحت گهربل في.

2013 جي سنڌ ايڪٽ نمبر XLII جي دفعه 36 جي ترميم
Amendment of section 36 of Sindh Act No.LII of 2013

6.چاڙايل ايڪٽ جي دفعه 36 ۾ ذيلي دفعه (1) کانپوءِ هيٺين ريت اضافو ڪيو ويندو:

"(2) جيڪو به:

(a) اليڪشن ڪميشن طرفان ذيلي دفعه (1) جي گنجائشن جي ڀڃڪڙي ڪندي ڏٺو وڃي، اهو چئن سالن جي عرصي لاءِ ڪائونسل جي ڪنهن به آفيس لاءِ اميدوار طور چونڊجڻ لاءِ نااهل ٿي ويندو؛

(b) ڪائونسل جي ميمبر طور چونڊجي اچڻ يا ڪائونسل جي چونڊ آفيس جو عهدو رکندڙ جيڪڏهن اليڪشن ڪميشن طرفان ذيلي دفعه (1) جي گنجائشن جي ڀڃڪڙي ڪندي ڏٺو ٿو وڃي، ته اهو ان کانپوءِ چونڊيل ميمبر نه رهندو يا اهڙي ميمبر جو عهدو نه رکي سگهندو ۽ چئن سالن جي عرصي لاءِ ڪائونسل جي چونڊ اميدوار ٿيڻ کان نااهل ٿي ويندو.

2013 جي سنڌ ايڪٽ نمبر XLII جي دفعه 39 جي ترميم
Amendment of section 39 of Sindh Act No.LII of 2013

7.چاڙايل ايڪٽ جي دفعه 39 جي ذيلي دفعه (3) ۾ لفظن "ڪائونسلز" لاءِ لفظ "لاڳاپيل ڪائونسل" متبادل هوندا.

2013 جي سنڌ

| | |
|---|---|
| 8.جاٽايل ايڪٽ جي شيڊول_I جي حصي _B جي شق (b) ۾ عنوان "ميٽروپوليٽن ڪارپوريشن ۾ يونين ڪميٽي" هيٺان انگن "40000 کان 50000" لاءِ انگ "10000 کان 50000" متبادل هوندا. | ايڪٽ نمبر XLII جي شيڊول_I جي ترميم<br>Amendment of Schedule_I of Sindh Act No.XLII of 2013 |

**نوٽ:آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**